پروفيسر ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه

# مرتضائي ثنوي جا همعصر شاعر

سيد غلام مرتضيٰ شاهه، تخلص "مرتضائي" ٺٽي جي رضوي سيدن مان هو. پاڻ هجري سن ١٢٥٩ (١٨٤٣ع) ۾ ڄائو ۽ ٦٩ سالن جي عمر ۾ ١٣٢٨ هجري (١٩١٠ع) ۾ وفات ڪيائين. پاڻ قادرالڪلام ۽ استاد شاعر ليکيو ويجي ٿو.

سنڌ جا شاعر سندم شاگرد ۽ پيا سڀ دوستدار،
ٿـو رڪـان جن توڪي هڪ روبہ بيـاباني ڏٺـو،
مور ماتم تنهنجي چوري ڪين ٿئي ميدان طلب،
هي حـسـيني مـاتمي مـون مـرد ايماني ڏٺـو.

سندس تصنيفات ۾ مرثيي نگاري، رباعيون، تاريخ وفات ڪتاب نجات القلوب، منقبتون ۽ قصيدا، مثنوي، يوسف زليخا، ڪتاب طوطي نامو، سڪندر نامو، شاهنامو فردوسي جي ڪن حصن جو ترجمو، ڪريما نيچري، فارسي ڪتاب نورالهديٰ جو ترجمو ۽ ديوان مرتضائي شامل آهن.

مرتضائي جو شمار سنڌ جي استاد شاعرن ۾ ٿئي ٿو. انهي ڪري سندس وقت جي تمام شعراء سنڌ سان سندس گهاٽا لاڳاپا ۽ دوستداري وارو تعلق هو. منجهانئن ڪافي سارا سندس شاگرد پڻ هئا ۽ شعر ۾ کانئس اصلاح وٺندا هئا. مرتضائي پنهنجي ديوان ۾ ڪافي جاين تي اهڙو ذڪر پڻ ڪيو آهي.

مـحـبـوب تولئي منڙو مـسـتـان آهي منهنجـو،
ابيـات عـشق وارو ديوان آهي منهنجـو.

بي شڪ اي مـرتضـائي هيءَ طرز تنهنجي اعليٰ،
سڀ شاعرن تي مضمون فرحان آهي منهنجو.

ديوان مرتضائي ۾ ڪل ۴۸۷ غزل (۴۶۰ سنڌي، ۲۴ فارسي ۽ ۳ اردو) ۽ ۾ سنڌي رباعيون آهن. سندس شاعري فارسي، سنڌي، هندي، اردو زبانن ۾ ٿيل آهي. سنڌي غزلن ۾ پاڻ هڪ غزل پنهنجي همعصرن متعلق جوڙيو اٿس. جنهن مان انهيءَ وقت جي شاعرن جي سڃاڻپ ۽ عروضي شاعري جي تاريخي ساخت تي چٽي روشني پوي ٿي. اهو غزل هن ريت آهي:

احسن، حسن مقال ۾ سڀ ڪان عجيب ڏسجي،
گلزار وصف آل ۾ سو عندليب ڏسجي.
سانگي سنو خيال جو معروف منجهه ملاحت،
گوهر گدا جو گفتو ماتم غريب ڏسجي.
عاجز جي رمز عمدي ۽ طرز عبد وه وه،
بلبل خيال ڪي هردم قريب ڏسجي.
راهي رهي ۽ راجي تائب طبع جو نازڪ،
صديق مست بيدل وافر نصيب ڏسجي.
گلشن خيال ۾ ڏس گل ڪي رسي خزاني،
رعنا بباغ راحت نازڪ نسيب ڏسجي.
خاصو خليل سڀ ڪان مسڪين مان وارو،
سائل سليم حامد هاشم حبيب ڏسجي.
غازي غلام اصلي گوهر گلن جا گفتا،
۽ شمس الدين قريشي خاصو خطيب ڏسجي.
شوي شڪار افگن قربي قريب گلشن،
۽ فڪر فيض محمد سڀ تي مهيب ڏسجي.
تازي سا عشق بازي آٿي سدا نيازي،
۽ مير مصطفائي لعلن لبيب ڏسجي.
عمدا علي جا گفتا آتش رفيع وه وه،
۽ حيدري بلاشڪ هوتن حبيب ڏسجي.

صاحب ڏنو سونهارو سيد سدا موچارو،
گوهر فشان کرارو نرمل نجيب ڏسجي.
اواهہ پاڪ طنيت مظهر سو نيڪ نيت،
عاشق جليل خفتي بي شڪ نقيب ڏسجي.
طرزي بطرز اعليٰ آهي عجيب بهائي،
اعليٰ علي اصغر خاڪي خشيب ڏسجي.
ٺيو سست چست يڪدم راقم چڏي رقم رد،
عباس منجهہ خيالن سڀ کان خصيب ڏسجي.
وہ مير مجتبائي سونتا هٿي سمورا،
پيري ڏنو سو سيد ڪڏ جي قريب ڏسجي.
شاعر هي سنڌ وارا سيئي رقم شمارا،
سيني ڪنان ڪرارا هرمڪ عجيب ڏسجي.
سيني ڪان مرتضائي گهڻ آهي گفتگو ۾،
پر ان جي دعوتن جو موليٰ مجيب ڏسجي.

مرتضائي ٺٽي ۾ ١٨٦٥ع بزم نشاط سنڌ جو بنياد وڌو. ١٨٩٥ع ۾ انهي بزم جي هڪ گڏجاڻي ۾ سنڌ جي تمام گهڻن شاعرن شرڪت ڪئي. پاڻ انهي موقعي تي اهو غزل جوڙيو هئائين. انهي گڏجاڻي کي سنڌي ادبين جي هڪ جامع ڪانفرنس چئي سگهجي ٿو. انهي جو سمورو اهتمام مرتضائي طرفان ڪيو ويو هو. انهي غزل جي روشني ۾ سنڌ جي مختلف شاعرن متعلق مليل معلومات هيٺ دائر ڪجي ٿي.

## (١) مير حسن علي خان حسن

هي حيدرآباد جو رهاڪو هو. مير نصير خان جو پٽ ۽ سانگي جو چاچو هو. سانگي جو والد جيئن تہ سانگيءَ جي ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو هو، انهي ڪري سانگي جي پرورش پڻ هن جي زيرنظر ٿي. غزل گو، مناقب ۽ مرثيہ گو شاعر هو. خاص طور سان سلام جي مرنين ۾ سنڌي زبان ۾ جهڙس ڪو شاعر ورلي ملي سگهندو. مرتضائي سان

سندس تمام قربت ۽ محبت وارو رستو هو. نثر توڙي نظم ۾ سندس گهڻائي ڪتاب آهن. سندس جوڙيل مرثين جو بياض "متاع حسين" عنوان سان هاڻي تازو شايع ٿيو آهي.

## (٢) مير عبدالحسين سانگي

ڪيان دل منجهان داستان ڪهڙا ڪهڙا،
ادا ذڪر آئي زبان ڪهڙا ڪهڙا.

هي حيدرآباد جو رهاڪو، مير عباس علي خان جو فرزند ۽ ٽالپرن جي آخرين حڪمران مير نصير خان جو پوٽو هو. هي شاعر، نثر نويس، غزل گو، مرثيه گو. ڪافيون جوڙيندڙ ۽ ٻين گهڻين ئي تصنيفن ۽ صنفن جو مالڪ هو. سندس ديوان ۽ ٻيون تصنيفون ڇپيل به آهن. سانگي سان مرتضائيءَ جون تمام گهڻيون رهاڻيون ۽ ملاقاتون ٿينديون رهيون. سانگي، ٽني ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ ايندو هو. ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ هي پاڻ ۾ ملندا رهندا هئا.

منهنجو ڏاڏو تراب علي شاهه به مرتضائي سان گڏ سانگي وٽ ٿيندڙ ملاقاتن ۾ ويندو هو. هڪ ملاقات ۾ هي غزل جوڙيائين:

"غزل مرتضائي ڪي سانگي سٺايو،
ڏنم جنهن ۾ رنگين بيان ڪهڙا ڪهڙا."

## (٣) آنريبل مير الله بخش خان معروف

معروف سڏائي ۽ رکي نام ٿو مخفي،
مطلب نه ٻڌائي ته اها رمز نهان ڇا،
مسڪين نوازي ۾ ڏسان مير الله بخش،
ڪو مرتضوي اهڙو ڏنو فيض رسان ڇا.

هي ٽنڊي محمد خان جو رهاڪو، مير ڪرم خان جو پٽ ۽ مير محمد خان جو پوٽو هو. شاهو خان جي نسل مان هو. انهي ڪري شهواڻي ٽالپر ڏسجي ٿو. مرتضائيءَ جي خاندان مان مير سيد همت علي شاهه رضوي جو، مير الله بخش جي خاندان مان مير غلام شاهه

شهوائي شهيد سان تمام گهاٽو رستو هو. ايسٽائين جو مياڻي جي جنگ ۾ ٻئي هم رڪيب ٿي وڙهيا. شهيد ٻه گڏ ٿيا ۽ سندن قبر ٻه گڏ ٺهيل آهي. مير الله بخش. ڪجھ ۾ انگريزن طرفان قائم ڪيل راجڪمار ڪاليج ۾ پڙهيو. آنرري مئجسٽريٽ ۽ وڏو جاگيردار هو. بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي جو جاگيرداراڻي مخصوص سيٽ تي سنڌ مان گهڻو وقت ميمبر رهيو. مرتضائي کان پوءِ ١٩١١ع ۾ وفات ڪيائين.مرتضائي جو نه صرف دوست، همعصر، مهربان پر سرپرست به هو، ديوان ۾ ڪافي هنڌن تي مير الله بخش جي نيڪي نظر اچي ٿي.

شهوائي ڏسان ابر عطا مير الله بخش،
هي گوهر اخلاص حيا مير الله بخش.

هن وٽ مرتضائي جو تمام گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. مرتضائي سان هتي سانگي، گدا، حيدري ۽ عرس جهڙن خوب دوستائيون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. مرتضائي سندس شجرو ۽ حسب نسب پڻ مرتب ڪيو. غزل گو شاعر هو. يوسف زليخا مثنوي پڻ معروف صاحب جي خيال پٽاندر مرتضائي مرتب ڪئي.

## (٤) سيد غلام محمد شاهہ گدا

هي حيدرآباد جو رهاڪو، رضوي سيد هو. هم خاندان جا فرد هجڻ ڪري منجهن تمام گهڻي محبت ۽ سڪ رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن انهن ٻنهي استاد شاعرن درميان شاعراڻي چٿقلش به ٿي پوندي هئي.

جٿو گدا مون وٽ تو ڪهڙو بغض باتاني ڏٺو،
بلڪ بيحد قرب وارو عهد پيماني ڏٺو،
ٿي گدا درد در ٻني تو شاعري کي دستياب،
مرتضائي پنهنجي لئي الهام يزداني ڏٺو.

پاڻ ۾ شعر جي ڏي وٺ به ڪندا هئا. گدا اڪثر ڪري نٿي به ويندو هو، جتي آڪر محلي ۾، مرتضائي جي استاد فدوي وٽ رهندو هو. اتي پڻ سندن خوب ڪچهريون ۽ محفلون ٿينديون رهنديون هيون. گدا

غزل گو، مناقب ۽ مرثيہ گو شاعر هو. سندس شاعري فارسي، هندي، سنڌي ۽ اردو زبانن ۾ ٿيل آهي.

## (۵) ميان حاجي فضل محمد ماتم

"شعر ۾ مرتضائي ڏسان جي ڪري نگاهہ،
مضمون وارو سنڌ ۾ ماتم سان ناهي مٽ."

هي حيدرآباد جو رهاڪو، عباسي خاندان مان هو. غزل گو، مناقب ۽ مرثيہ گو شاعر هو. سندس شاعري پارسي، سنڌي ۽ اردو ۾ ٿيل آهي. مرتضائي سان تمام قريب دوستاڻو رستو هئس. ديوان مرتضائي مان واضح اشارا ملن ٿا تہ ماتم سان مرتضائيءَ جي شاعرائي ڏي وٺ ٿيندي رهندي هئي ۽ ماتم جي حُبِ اهلبيت ڪان مرتضائي گهڻو متاثر ٿيل هو. ماتم جو اردوءَ وارو ديوان ڇپيل آهي.

## (٦) حاجي عبدالله عبد

مرتضائي جلد موڪل عبد ڏي جوڙي جواب،
تا تہ دادو ڇـــڏي ڏسندو وجي هالا وري.

هي ٺٽي جو رهاڪو، مدرسي جو استاد هو. ڳوناڻي هجت جي ڪري سندن تمام گهاٽو رستو هوندو هو. هي بہ غزل گو ۽ مرثيہ گو شاعر هو. فارسي، سنڌي، اردو ۽ هندي زبانن ۾ شاعري ڪندو هو.

راهي و راجي سان گڏجي عبد هڪ آندو غزل،
جـو ڏسي ورتو بدل ظاهر زبانيءَ ڪان سوا.
مرتضائي جلد موڪل ان جو تون جوڙي جواب،
تا ڏسن مضمون هن جو شعر خواني ڪان سوا.
عبد تنهنجي التجا سان مونکان هي آيو جواب،
مرتضائي ڪي بعالم خاڪساري ٿي نصيب.

## (۷) شمس الدين بلبل

هي تعلقي ميهڙ، ضلعي دادو جو رهاڪو، ذات جو ابڙو هو. معاون الاسلام ۽ بين اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. سندس اخبارن ۾

مرتضائي جا تمام گهڻا غزل ڇپجندا رهندا هئا. مرتضائي جي سنڌ مدرسي جي باني حسن علي آفندي سان گهاٽي دوستداري هوندي هئي، جو وري بلبل تي شفيق ۽ مهربان هوندو هو. انهيءَ ڪري مرتضائي ۽ بلبل جا تعلقات پڻ ڪافي گهاٽا ۽ قرب وارا هوندا هئا.

ميان حسن علي تنهن افندي، مجيدي،
کي هوئي سان پٽڙن پيارن مبارڪ،
معاون جي اخبار ۽ مشترين کي،
۽ ايجنٽن سڀ اهلڪارن مبارڪ.

## (٨) ميان رسول بخش رهي

هي اصل قلات جو وينل، ذات جو بروهي، پارسي جو غزل گو شاعر هو. مرتضائي ۽ هن جا غزل فارسي جي اخبار مفرح القلوب ۾ شايع ٿيندا هئا. سنڌيءَ ۾ به غزل خواني ڪندو هو. سنڌ سڌار اخبار ۾ هن جا مرتضائي جيان غزل ڇپيا هئا. ٺٽي ضلعي جي ساڪري تعلقي جو پڻ مختيارڪار ٿي رهيو. مرتضائي سان سندس نهايت ئي گهاٽو قربائتو ۽ دوستاڻو رستو هو.

## (٩) عبدالقادر بيدل

هي شڪارپور جو رهاڪو هو. فارسي ۽ سنڌي ۾ شاعري ڪندو هو. مرتضائي جيان جهونن سنڌي شاعرن مان هو. سندس غزل به وقت جي فارسي ۽ سنڌي اخبارن ۾ ڇپجندا هئا. ٻئي همعصر ۽ سنا دوست هئا.

## (١٠) گل محمد ولد محمد يوسف لونگاڻي گلڻ ۽ گل

هي ٺٽي جو رهاڪو هو. ميان مرحوم غلام علي ميمڻ انڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي والد جو سؤٽ هو. غزل گو ۽ مرثيه گو شاعر هو. ٻئي ڳوناٽي هئا، انهي ڪري به مرتضائيءَ سان سندس

ويجهولاڳاپو هو. سندن گهر ۾ هڪٻئي جي ويجها هئا. جنهن سبب سندس ملاقاتون ۽ ڪچهريون به تمام جلد ۽ گهڻيون ٿينديون رهنديون هيون. ٻنهي ۾ شعر جي ڏي وٺ رهندي هئي.

## (١١) مرزا دوست محمد دوست ۽ دلدار

هي حيدرآباد جو رهاڪو، ٽنڊي آغا وارن مرزا خاندان مان هو. فارسي، سنڌي ۽ اردو زبانن ۾ شاعري ڪندو هو. مرثيا به جوڙيا اٿس. مرتضائي سان سندس ويجهو رستو هوندو هو.

## (١٢) قاضي هدايت الله متعلوي مشتاق

هي مٽيارين جو وڏو غزل گو شاعر هو. مرتضائيءَ وٽ ٽنڊي ۾ اڪثر مهمان ٿي ايندو هو. سندن دوستي ايتري قدر هئي جو مرتضائي کيس مٽياريون ڇڏي اچي ٽنڊي رهڻ جي دعوت ڏني. مرتضائي سان سندس گهرو، قربائتو ۽ دوستاڻو رستو هو. شاعري جي بحث مباحثن ۾ به مشتاق هميشه مرتضائيءَ جو طرفدار ٿي رهندو هو.

اکين ڪي اکين سان اٽڪائجي،
تڏهن ڪ ڇڏين پيو ڪڇا ڪائجي.
تون مشتاق آءُ مرتضائي سان مل،
مٽياريون ڇڏي ڪي ٽنڊو ناهجي.

## (١٣) عبداللطيف لطيف

هي ٺٽي ضلعي جو رهاڪو، جهرڪن ۾ پرائمري استاد هو. جهونن شاعرن خليفي قاسم ۽ خليفي گل جي همعصرن مان هو. مرتضائي سان سندس سٺي ڏيٺ ويٺ رهي. ٻنهي جو هڪٻئي وٽ اچڻ وڃڻ جو رستو هو. غزل گو ۽ مرثيه گو شاعر هو.

هن غزل جو حال وٺ ڪان ماستر عبداللطيف،
مرتضائي بي گمان وِيو ميدان ڪي ڇڏي.

## (١۴) احمد شوقي

هي ڪراچي جو رهاڪو هو. اڪثر ڪري ٺٽي ايندو هو. مرتضائي وٽ مهمان ٿي به رهندو هو. مرتضائي به جڏهن ڪراچي ويندو هو، تہ وٽس ئي رهندو هو. سندن تمام گهڻيون ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. غزل گو شاعر هو. ٻنهي درميان گهاٽو دستائو ناتو هو. هن جا پونير سنڌ اسلامي هوٽل ڪراچي جا مالڪ آهن.

## (١۵) مخدوم محمد ابراهيم خليل ۽ مسڪين

هي ٺٽي جو رهاڪو هو. سندس تصنيف تڪملة مقالات الشعراء مشهور آهي. غزل گو شاعر هو. فارسيءَ ۾ سندس گهڻو ڪلام چيل آهي. عربي زبان جو به ماهر ۽ شاعر هو. سنڌي ۾ به شاعري ڪندو هو. ٺٽي جي رضوي خاندان سان تمام گهرو رستو هوندو هئس، مرتضائي جي ويجهن همعصرن مان هو. سنڌي شاعري ۾ تخلص "اداسي" هوندو هئس، هنديءَ ۾ به شاعري ڪندو هو. مرتضائي ۽ فدوي سان سندس تمام گهاٽو ۽ قربائتو رستو هوندو هو. ٻئي پاڙيسري به هوندا هئا. انهي ڪري سندن ملاقاتون به ڪثرت سان ٿينديون رهنديون هيون.

## (١٦) عبدالواحد سائل

هي حيدرآباد جو رهاڪو، ڀهارا ضلعي ٺٽي ۾ هيڊ ماستر هو. فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪندو هو. سنڌ سڌار اخبار ۾ سندس غزل ڇپبا هئا. ٺٽي ۾ نوڪري دوران مرتضائي سان سندس دوستي جو ناتو بيدا ٿيو.

## (١٧) محمد هاشم مخلص

هي ٽکڙ ضلعي حيدرآباد جو رهاڪو، نثر نويس، شاعر ۽ اخبار نويس هو. گهڻين ئي اخبارن ۾ هفتيوار ۽ ماهوار رسالن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. سنڌي اخبار سنڌ سڌار ۽ ٻين ۾ سندس غزل ڇپجندا رهندا هئا.

جگر جيرا جليا ۽ جي جوش کيا،
سڻي آواز اڄ جان سوز نئي جو.
گدا تنهنجو نہ آئي تا قيامت،
نظر ۾ تخت هن ڪائوس و ڪئي جو.
غرض کهڙو ڪرڻ احوال دل عرض،
تون واقف سڀ ۽ مالڪ ڪُل شيءِ جو.
سکو مون ڏانهن موکل مرتضائي،
جواب هن غزل فرخنده پئي جو.
علي کي باغ ۾ منجهہ فصل گل جي،
اچي ساقي پري ڏي جام مئي جو.

مرتضائي انهي غزل جو ترت جواب روا ڪيو.

"مرتضائي سبزپوش ۾ علي قربان ٿائي،
ڏي جواب هن جو تہ ڏسجي پاڻ جنهن مشهور ڪيو.

عليءِ جون منقبتون، غزل، مرثيا، مثنويون ۽ قصيدا وغيره مشهور آهن.

## ميان وڏل شيخ حيدري

هي حيدرآباد جو رهاڪو هو. سندس اصل نالو محمد يوسف هو. فارسي، سنڌي ۽ اردو جو غزل گو شاعر هو. سانگي کان استادي وٺندو هو. مرتضائيءَ سان سندس دوستاڻو ناتو هو. پئي شعر جي ڏي وٺ ڪندا هئا.

" هل حيدري جواب ڪو جلديءَ ۾ جوڙ تون،
موڪلج مرتضائي اڳيان خوبتر ڪري."

انهيءَ کان علاوه عبيدالله ۽ محمد حسين تخلص عاجز، محمد يوسف تخلص مسڪين مير علي نواز تخلص مجرم ۽ علوي، أخوند فقير محمد عاجز، وينل ڪنڊ رو، عبدالله مهر راهي وينل لکي شڪارپور، ميان شير محمد قريشي راجي، وينل شڪارپور ۽ جيڪب آباد، سيد

مرتضائي سنڌ جا شاعر وڏي اقبال هون.
جن مثان گهورون وجهان ننگر جا ناٿا اي حبيب.
هن مان سنڌي شاعرن لاءِ سندس محبت جو اظهار ٿئي ٿو.

ڪونہ ڏسبو زلف جي زنجير کان آزاد ڪٿ.
عشق جو برباد اندو سو ٿئي آباد ڪٿ.
سنڌ جا شاعر عجب اشعار ٿا جوڙين پر.
مجتبيٰ مضمون جو ماتم مثل استاد ڪٿ.
شمس خوش صديق خوش خادم خوش راقم چگو.
پر لطيفي طبع ڏاران عشق جو بنياد ڪٿ.
هو علي يڪسر يگانو ۽ بہ قاسم ڪيا ڪلور.
پر گدا جي گفتگو وٽ ڪو بہ ايندو ياد ڪٿ.
وہ رهي وہ ريت راجي وہ سنائي جي پڪار.
مست ڪٿ خفتي ڪٿي قاضي ڪجا دلشاد ڪٿ.
صابرو اميد ڪٿ ۽ نور محمد و عبد ڪٿ.
مير فاضل شہ جهو در حيدرآباد ڪٿ.

*****

ٿي حسن وانگر هميشہ منجهہ بڪائي اهلبيت.
ري روشن محشر ۾ چٽو آرام جو ارشاد ڪٿ.
گل مثل گفتار جنهنجا مير سو عبدالحسين.
بلبل گلزار منطق سو خدا جيئن ياد ڪٿ.
مرتضائي تنهنجو مضمون دل ڪشادو دل فريب.
روشني سج جي پروڙي ڪور مادر زاد ڪٿ.

*****

ڏياري ملڪ مالڪ ملڪ جو موتي حقدارن.
هلين جي حيدرآباد تا سي سنڌ صاحب ڏس.
صبا چٽو حضرت سانگي جي خدمت بندگي بيحد.
هزارين مرتضائي جيئن سندو مداح و طالب ڏس.

هي اشڪ اکين جو حسرت ۾ هرروز صفا جيحون ڏنم.
جنهن موجزني ڪي فرقت ۾ جاري رکان جگر برخون ڏنم.
باهوش حسن تيو اهل عزا سد وارو سانگي شاهہ گدا.
شعار جگو بي ريب ريا سو ماتم جو مضمون ڏنم.
گل گلشن ۾ هيڪار رکي تيئن عبد وڏا اسرار رکي.
اک عاجز پر انوار رکي اشعار سندس گلگون ڏنم.
ره راهيءَ جي بيباڪ ڏسان منجهہ شهر وڏو چالاڪ ڏسان.
مشتاق وڏو غمناڪ ڏسان هڪ حامد کي مفتون ڏنم.
معروف محمد رطب لسان تو قند زبان غلام چوان.
خوش حيدري آهي شهر زبان سڀ شعر سندس افسون ڏنم.
مون مرتضويءَ جي ياري ڪر دلدار سندم غمخواري ڪر.
هي صحن سندم گلزاري ڪر جو درتي سندءِ مقرون ڏنم.

*****

بي شڪ ادا ڏسان تو زمانا نوان نوان.
سڀ ڍول شول مڪر زنانا نوان نوان.
شاعر نوان شعر نوان قافيا نوان.
مضمون بحر ربط ترانا نوان نوان.
مون مرتضائي عبد کي نصف الوصال لاءِ.
ڪر حيدري کي شعر روانا نوان نوان.
وه مست جو ڪلام ڏسي مرتضائي چوُ.
جنهن جوش کان جواب هلايا نوان نوان.

*****

رسي عيد شوال يارن مبارڪ.
سيني اهل اسلام وارن مبارڪ.
سچن سيدن توٽي پيرن قريشن.
عبادن وڏن علم وارن مبارڪ.
اسان جي انهيءَ سنڌ جا واهہ حاڪم.

تنهن ميرن وڏي مان وارن مبارڪ.
بلوچن بروهين پنباڻن ڪلهوڙن،
سمن سومرن ۽ مڇارن مبارڪ.
پنوهر برفتن جاڪرن جوکين کي،
ٿهيمن جتن جان نثارن مبارڪ.
کي سهتن کي هالن ۽ ابڙن ۽ ڏيتن،
فقيرن ضعيفن متارن مبارڪ.
ڪنيارن پريٽن حجامن ۽ موچين،
گهراڻن ۽ واڍن لوهارن مبارڪ.
ڪٽي توٽي کهنباڻي عطار سباڻي،
بقارين شيدين بنارن مبارڪ.
ڏيان عاشقن کي نويدون وصالي،
معشوقن سنن ماه پارن مبارڪ.
تون فطرو ڪيڏي مرتضائي وري چو،
مٿي شاعرن نامدارن مبارڪ.

*****

محبوب مٺي جي حسن ڪيا حيران هزارين مان نه رڳو،
مجذوب مثل مجنون ٿيا مستان هزارين مان نه رڳو.
وه مرتضوي چو خوب غزل بار نور محمد راقم رل،
صدبار سندو هن شعر مٿان قربان هزارين مان نه رڳو.

*****

پوي جي پر تو ڪو آسمان تي تنهنجي مه روء جو،
مقابل ڪون آٿي چند هڪڙي چند ابروء جو.
علي مسڪين هڪ مضمون جو آندو غزل تنهنجي،
جدا مضمون جوڙيو مرتضائي وصف گلروء جو.

*****

مرتضائي جو غزل جي غور سان ڏسندو غلام،
قدرداني ۾ سان ڪندو ات مرحبا ۽ واه واه،
هوند گل تي باغ ۾ بلبل مبارڪباد چئي،
مرتضائي ساڻ راهي جي غزل شامل ڪري.

*****

مون وارو پنهنجو لنگهايو اي دوست و ماتم هان،
گدا ۽ حامد ۽ حيدري حساب ٿئي.
عجب ماتم مصرع اي مرتضائي جئي،
الاهي خواب زليخا جو مونکي خواب ٿئي.

*****

وه مرتضوي هن طرز مٿي رعنا ڪو چوي رنگين غزل،
جنهن ڪان سو پڄي هي ڪفر سندو دروازو ڏنگو ديوار ڏنگي.